

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روشن تارا گيت

(چونڊ گيت ۽ ٻاراڻا ٻول)

سهيڙيندڙ

محمد ابراهيم جويو

اعجاز احمد قريشي

ادل سومرو

Sindhica

سنڌيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيتن ۽ ٻولن جو سٽاءُ

1- ڏڻيءَ جا گيت	3
2- جُهو جُهو ماتي	4
3- پُسو لڏمر پٽ تان	5
4- اچو ڙي ٻارو	6
5- ڀت تي جهرڪي	7
6- اَس وطن جي	8
7- واهه ڙي تارا	9
8- جو کير پيئي	10
9- منڙا گهوڙا	11
10- ٽنڊڻي	12
11- سويل سمهجي	13
12- ڪڪڙ ۽ ٻچا	14
13- جيءُ جيءُ ادڙا	15
14- مينهن وسي ٿو	16
15- لغڙ	17
16- جهڻ پٽ ۾	18

(حق ۽ واسطا محفوظ)

ڪتاب: روشن تارا گيت
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي
ڇاپو: ٻيو
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي
تعداد: هزار
ملهه: ويهه رپيا

گذارش

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) جو نالو، اڄ ڪنهن به سنڌواسيءَ لاءِ اوپرو ڪونهي، هن سماج سڌار تنظيم جا هزارين ڪارڪن 'پنهنجي مدد پاڻ ڪريو' جي اصول تحت گذريل ويهن سالن کان سماجي خدمتن ۾ مصروف آهن.

سنڌ ۾ معياري تعليم کي عام ڪرڻ واسطي، سگا پنهنجي وس آهر ڪوششن ۾ مصروف آهي. سنڌي ٻارن کي سندن ئي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيارڻ واسطي في الحال 'روشن تارا' ڪي- جي ۽ پرائمري اسڪولن جي رٿا تي عمل ٿي رهيو آهي. انهيءَ پروگرام تحت پندرهن اسڪول ڪم ڪري رهيا آهن ۽ ڪجهه تيارين جي مرحلن ۾ آهن.

هن کان اڳ اسان تصويري الف ب پ جو ڪتاب شايع ڪرايو آهي. هينئر، ٻارن کي ياد ڪرائڻ لاءِ، روشن تارا گيت ۽ ٻولن جو ڪتاب خوبصورت تصوين سان سينگاري پيش ڪري رهيا آهيون.

سنڌيڪا اڪيڊمي سنڌي ٻوليءَ ۾ علم ۽ ادب جي ترقي لاءِ ٿورڙي عرصي ۾ نمايان خدمتون سر انجام ڏنيون آهن. هن ڪتاب کي تصويري صورت ۾ ڇاپڻ جو ذمو کنيو ۽ آئنده اشاعت ۾ تصوين کي مڪمل رنگين بنائڻ جو ارادو ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ وٽندڙ گيت ۽ ٻول ايترا ته دلچسپ آهن جو ٻارن کي آسانيءَ سان ياد ڪرائي سگهجن ٿا.

آخر ۾ انهن شاعرن جا ٿورائتا آهيون، جن جا ٻول ۽ گيت هن ڪتاب ۾ شامل آهن.

مظهرالدين ميمڻ
چيئرمين روشن تارا مرڪزي ڪاميٽي

ڏڻيءَ جا گيت

گيت ڏڻيءَ جا گڏجي ڳايون
جو ٿو ٿڌڙا مينهن وسائي
باغن ۾ جو انب پچائي
ويس گلن کي جو پهرائي
اَنَ پچائي گاهَ اُپائي
عرش ۾ جو تارا ٽمڪائي
تنهن مالڪ کي سڀ ساراهيون
گيت ڏڻيءَ جا گڏجي ڳايون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جُهو جُهو ماٽِي

جُهو جُهو ماٽِي
لسِي پنهنجي گهاٽِي
مکڻ جي چاٽي
امڙ سياٽي
مکڻ جي ماٽِي
سُٽَ سندي آٽِي
آيو مينهن آيو
لٽڙا پُسايو
اڄهو سج نڪتو
لٽڙا سُڪايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پئسو لڌم پٽ تان

پئسو لڌم پَٽَ تان
پئسي ورتم گاهُ
گاهُ ڏنم مينهن کي
مينهن ڏنو کير
کير ڏنم امڙ کي
امڙ ڏنو لولو
لولو ڏنو ڪانوَ کي
ڪانوَ ڏنو کَنڀُ
کَنڀُ ڏنم راجا کي
راجا ڏنو گهوڙو
چڙهي گهم، چڙهي گهم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچو ڙي ٻارو

اچو ڙي ٻارو
راند جو وارو
اَڪ جون ڪاٺيون
نِم جا پاوا
ڏوڙي اچي ڏِگڙ کائو
موٽي وڃي مکڻ کائو
جيڪو ٻيءُ کي پَڳَ ٻڌائي
سوئي ماکي مکڻ کائي.

– استاد بخاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ تي جهرڪي

پٽ تي جهرڪي
مينهن آيو ترڪِي
ائٽ ۾ چموٽِي
مينهن آيو موتِي
اُڪري ۾ ڪڪڙو
مينهن آيو ٽڪڙو
وس وس مينهن
ڏه ڏه ڏينهن
ڏهين ڏينهن ترڪو
گهنگهرو ڇڻڪو
ڇڻڪ ڇڻڪ ڇم ڇم
وسيو مينهن لٿو غم .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آس وطن جي

نندڙا منڙا سھڻا ٻار
آس وطن جِي ۽ آڌار
هاڻ پڙهڻ جي ڪيون تياري
ديس جي ٿيندي ناماچاري
لفظ پڙهون ٿا سؤلا سؤلا
گيت سکون ٿا منڙا منڙا
راند ڪندي ٿا علم پرايون
علم پرايون سمجھ وڌايون
نندڙا منڙا سھڻا ٻار
آس وطن جي ۽ آڌار.

واهه ڙي تارا

واهه ڙي تارا، گول تارا
روشن تارا چِلڪي وارا.
سانجهيءَ ٿاٽي نڪرو ٿا
اُڀ سڄي ۾ پکڙو ٿا.
چِلڪو چمڪو ساري رات
ڪجي اوهان جي ڪهڙي بات.
رات لنگهي يا باقي ڇا؟
اوهين ٻتايو واٽ اها.
جوت اوهان جِي، جي نہ هجي
واٽهڙُو ڪر واٽ مُنجهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو کير پيئي

جو کير پيئي، سو وِير ٿئي،
ڏند زور وٺن، سٺا سهڻا لڳن،
اکين جوت وڌي، ڏاڍي سونهن ٿئي،
وٺي زور بدن، لڳ چست ٿين،
کير صفا سٺو، واه! ڏاڍو مٺو،
ٻارو! اچو پيئون، ڀري کير وٺيون،
سڀ زور وٺون، پي کير وڌون،
ڏي کير امان
پي پڙهڻ وڃان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



منڙا گھوڙا

منڙا گھوڙا اوري آءُ
خوب خوشيءَ سان داڻو کاءُ.
پنھنجي منھن تان لاھ لغام
تازو گاھ ھلي چر جام.
جتي چرڻ لئہ آھي ڳاھ
اتي وھي تو سھڻو واھ.
ھاڻي ان مان پاڻي پيءُ
ڍءُ ڪري تون گد گد ٿيءُ.
جڏھن شام جا وڄندا پنج
توتي وجھندس سھڻا سنج.
ٻالڪ چوندا ڊوڙو ڊوڙو
ڏسو ڪڪي جو سھڻو گھوڙو.
توڙي ھٿ ۾ چھبڪ ڪڻندس
منڙا توکي مُور نہ ھڻندس.

- ڪشنچند بيوس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽنڊڻي

ٽنڊڻِي ڙي ٽنڊڻي!
اسين تنهنجا ماڻهو، ڇپينداسين ڏاڙهون.
هيءَ ککر کهڙي، ستن ڀائرن جهڙي
ست ئي ڀائر در تي، ٻيڙي آئي تڙ تي.
ٻيڙيءَ وارا آيا، ڇٻيون ڇنڊيندا آيا.
هڪ ڇٻيءَ ۾ موتي، ڇٽي منهنجي پهتي.
ادل کي ڇئجانءِ، مامل کي ڇئجانءِ
گُڏو گُڏي آڻجانءِ، سون ۾ مڙهائجانءِ
چانديءَ ۾ چَمڪائجانءِ، روپئي ۾ تورائجانءِ
بنگلي ۾ ويهارجانءِ
آءُ ته گُڏين راند ڪيڏون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَويلَ سُمهِجي

سويلَ سمهجي، سويل اٿجي
اول ڏٿيءَ جو نالو ڳنهجي.
ماءُ ۽ پيءُ جو چيو مڃجي
سدا ادب ۾ تن جي رهجي.
نت استاد کي مانُ ڏجي
جيئن هو چوي تيئن ڪجي.
ڀاءُ ۽ ڀيڻ سان رکجي پيار
تن سان ڪو نہ ڪجي تڪرار.
ڪوڙ نہ چئجي ڏجي نہ گار
شيءِ چورائي ٿجي نہ خوار.
هن نصيحت تي جو هلندو
مائٽ مٽ کي سو وڻندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڪڙ ۽ ٻچا

اَن ڪٽا ڪي
جتي ڏسي ٿي
ڪَٽ ڪَٽُ
ڪُٽ ڪَٽ
ڪُڪِڙ ڪَري ٿي
ٻچا سڏي ٿي
گڏجي سڏجي
سبُ ڪائن ٿا
پاڻ ۾ گڏجي
پوءِ ڳائن ٿا
چُون چُون
چُون چُون
چُون چُون
چُون!
اِمڙِ سٺي
آهين تون
شالَ سدائين
جِيئِين تون!

- نصير مرزا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيءُ جيءُ ادڙا



جيءُ جيءُ ادڙا
جيءُ جيءُ ادڙا .
پڙهي لکي تون
علم سِکي تون
وڏڙو ماڻهو
ٿيءُ ٿيءُ ادڙا .
جيءُ جيءُ ادڙا .
سُک پسين تون ،
خوش وسين تون ،
منڙا ڪيرُ
پيءُ پيءُ ادڙا
جيءُ جيءُ ادڙا .

- اياز گل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مينهن وسي ٿو

مينهن وسي ٿو ڦڙ ڦڙ ڦڙ ڦڙ
جُهڙ ڪري ٿو گڙ گڙ گڙ گڙ.
رستو ويو پاٽيءَ سان ڀرجي
نندڙيون ٻيڙيون آيون ترجي
ڏُيو جڻ درياءُ لڳي ٿو
هرڪو ان ۾ تار تري ٿو
ڇوڪرَ نندڙا ترندا آيا
سڀني گڏجي گيت هي ڳايا:
مولا سائين! مينهن ججهو ڪر
رستو پاٽيءَ ساڻ سڄو ڪر.

– ذوالفقار سيال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغڙ

موڪل جا ڏينهن آيا آيا
اُبِ ۾ ٻارن لغڙ اُڏايا.
مون ٻي لغڙ اُڏايو آهي
اوچتو عرش پڄايو آهي.
لاٽونءَ وانگر ڦيرا پائي،
سرٽين جيئن لامارا لائي.
پنهنجي دلڙي تو پرچايان،
خوب ٻين کي تو چيڙايان.
ڏس! هوءَ واچ ڏکڻ جي آئي
لغڙ ڇڪو ۽ ٽيو توائي.

- مختيار ملڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جھٽ پٽ ۾

جيڪو نينگر محنت ڪندو
پاس ٻہ ٿيندو جَھٽَ پَٽ ۾.
ڌيان سان جيڪو سبق نہ پڙهبو
وسري ويندو، جَھٽَ پَٽ ۾.
جيڪو ٻالڪ ورزش ڪندو
بالُ جھٽيندو، جَھٽَ پَٽ ۾.
سڏ ڪرڻ تي سٺو ڇوڪر
ڊوڙندو ايندو، جَھٽَ پَٽ ۾.
سدوري نينگر کي هر ماڻهو
پيارِ ٻہ ڏيندو، جَھٽَ پَٽ ۾.
علم جو ڏيئو اونداهيءَ جي
پاڙَ پٽيندو، جَھٽَ پَٽ ۾.

- ادل سومرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڍڙا منڙا سھڻا ٻار
آس وطن جِي ۽ آڌار
هاڻ پڙھڻ جي ڪيون تياري
ديس جي ٿيندي ناماچاري
لفظ پڙھون ٿا سؤلا سؤلا
گيت سکون ٿا منڙا منڙا
راند ڪندي ٿا علم پرايون
علم پرايون سمجھ وڌايون
ننڍڙا منڙا سھڻا ٻار
آس وطن جي ۽ آڌار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
اينڊڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنیٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪيئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَن پَن جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book